محمد حسين ”ڪاشف“

# سنڌ، سنڌي، سموند ۽ سُميري

# SINDH, SINDHI, SAMOOND AEN SUMAERI

**Muhammad Hussain Kashif,** Famous Writer

**ABSTRACT**

This paper has been written to find out origin of the people of Sindh through the oldest culture, language and history with particular reference of the "Thatta" one of the oldest cities of Sindh. Details and findings of analytical study about Sindh, Sindhi, Samoond and Sumaeri are given in this Paper.

ٺٽو نگر ڌرتي جي جنهن خطي سان واسطو رکي ٿو انهيءَ خطي جي قدامت لکين سال آهي. ان جي انساني آباديءَ جي اصل نسل لاءِ ڪئين آچار ويچار بيان ڪيا وڃن ٿا. موجوده دؤر ۾ ته سلسلو ئي نرالو نظر اچي ٿو. ماضي ڪان وٺي اڄ تائين ان جي اصل نسل کي ڌرتي ڪان چڪي ڌار ڪرڻ جي هر ممڪن ڪيل ڪوشش نظر اچي ٿي، اهو عمل حقايق ۽ تاريخ جي مثبت روين مطابق ڪيترو صحيح آهي. انهي سڄي مامري تي روشني وجهڻ پنهنجي وس ڪان ٻاهر آهي. ڇو ته ان مسئلي جو سڌو سنئون تعلق علم الانسان يا ارتقائي انسان واري معاملي سان آهي. ڀلو ڪري خدا، محمد حسين پنهور جو جنهن ڪرانا جيڪل ڊڪشنري آف سنڌ لکي اسان سنڌين جي منهن تي پاڻي وڌو آهي. باقي هيڏا وڏا ادارا ان باري ۾ ڪم ڇو ڪن ۽ ضرورت به ڪهڙي آهي. اهڙو سور پنهنجي مٿي ۾ وجهڻ ڪا ڏاهپ ڪانه آهي. اهو قادر جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر مانجهي ان لاءِ ڪافي آهن. پاڻ کي جيالاجيڪل جي علم جي به ڪا ڄاڻ ڪانه آهي جن انهي ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي انهن کي به سنڌ ۾ نوڪري ڪانه ملي، وڃي پرڏيهه وسايائون پيريءَ ۾ موٽي پنهنجي ماڳ تي آيا جو هتان جي مٽي ڇڪ ڪيو بيٺي هئي. آئون پنهنجي علميءَ ۽ هانوَ جي ڏڍ تي ڪجهه بيان ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته جيئن اسان جا عالم، دانشور ۽ ادارا سيئي گڏجي ڪري انهن حقيقتن کي لهن. انهن تي تحقيق ڪري ڪو ڇيد حاصل ڪري پنهنجي نئين نسل کي ڏين، جن لاءِ ڪا سنئين راه پيدا ٿئي، ڇو ته



تاريخ ۾ سنڌي ماڻهوءَ کي اڳي به ڌرتي ڪان ڇني ڌار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي هن وقت ته اهو عمل عروج تي آهي. برمي بنگالي،افغاني به هن ڌرتيءَ جا ڄاوا شمار ڪيا پيا وڃن اها روش هن قوم جي وجود کي ڪٽي وڃي ڇڏيندي ۽ اسان جو حشر ڪهڙو ڪيو ويندو؟ اهو آثارو قرائن مان بخوبي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

ٺٽو نگر يقينن سنڌ جي تاريخ ۾ جنت ثاني جو درجو رکندڙ هو هن جا باغ بستان باغ عدن ڪان گهٽ نه هئا، هن جي حسينن جو رعنائيون، عشوه سازيون ۽ عشون لهرازيون سحورڪن هونديون هيون، سونهن ساوڪ جيون گل عذاريون، گل اندازيون، گل ريزيون خوشنما ۽ ڪوه ڪاف واري علائقي ڪان گهٽ ڪين هيون، ماه رو ۽ مه جبينن ۽ سيتنلۦ سلوپرين، ڪونج جهڙين ڪامڻين جا جهرمٽا ۽ ميڙ رقص اندام هلڻيون، ڏسندڙن جي عقل کي حيران ڪن ڪري ڇڏينديون هيون، هتان جا ميلا، ڏينهن ۽ ڏڻ عيد برادون، ڏياريون ۽ آکاٽيون، هوليون ۽ دسهڙا جلوس عيد ۽ ماتمِ محرم تاريخي انداز جا رهيا، هتان جو علم و فضل، فتويٰ ۽ فياضي بي ريائي ۽ بي نيازي واري هئي. مطلب ته هن شهر خوبان ۽ مدينة العلم جي هر ادابي، بها ۽ ڪمال واري هئي، صنعت و حرفت ۾، وڻج واپار ۾، بيباڪي ۽ بهادري ۾، وڏي پيدواري رهي. پوءِ هو ٺٽو نگر به هن ۾ ننگر به هو ته سمانگر به هو. هر نالي سان سندس ناما چار رهيو هن شهر جي ايتري هاڪ ۽ ڌاڪ رهي جو امير خسروءَ جهڙي شاعر کي هتان جي نزاڪت متاثر ڪري وڌو ۽ ٺٽي جي تعريف ڪرڻ ڪان رهي نه سگهيو:

سَرو چوتو، در اُچه و در تَتَہ نَبا شد،
گُل مثلِ رخِ خوبِ تُو، اَلبتہ نَبا شد*

دنيا جي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ اهڙن ڪيترن واقعن سان ڀري پيئي آهي جن ۾ هن وادي جي اوج ۽ سڌريل هئڻ جا مثال ملن ٿا، جن جي اپياس سان اسان کي انساني راتقا، انجي پيدائش ۽ اوسر ڪان وٺي ويندي حال واري زماني تائين ڪئين نقش و نگار ڏسڻ ۾ اچن ٿا هن ڏس ۾ علم الانسان جي ماهرن جي ڪوجنا وڏي پد واري رهي آهي، جنهن ۾ تاريخ جي اهم حقيقتن انسان جي زنده رهڻ لاءِ جاکوڙ انساني نفسيات ۽ ذهني روين جي قافلي جي ترقي کي تجزيي ۽ مشاهدي کي سامهون رکي حقايق جو اظهار ڪيو آهي. تاريخ جي انهيءَ ڳوڙهي

* از تحفہ الصغر(671هہ) ڪليان عناصر دوادين جنسرو (منقول از مڪلي نامہ) ص 20-21) بقول پير حسام الدين راشدي جي ته (667هہ) ۾ ٺٽو نه صرف آباد پر مشهور معروف هيو جو شاعر اتان جي خوبصورت گلن ۽ سروقد سهڻن جي تشبيه پنهنجي شعر ۾ آندي آهي.

اپياس کي هنن مدلل ۽ سائنسي طريقي ڪار سان اسان جي آڏو آندو آهي. جنهن جي اپياس سان تاڪ لڳيون وڃن. اسان جڏهن انهن تاريخي حقيقتن تي نظر وجهون ٿا تہ: سنڌ جي وادي جيڪا دنيا جي تهذيب و تمدن واري قافلي ۾ پنهنجو تمام اُتاهون رکي ٿي. بنسبت ٻين تهذيبي آثارن جي ان بابت انيڪ حقيقتون سامهون اچن ٿيون ۽ بحث جا دروازا کلي پون ٿا. جنهن جي سلسليوار بيان لاءِ اونهي ڄاڻ ۽ دفتر درڪار آهن.

هن ابتدائي انسان جي پيدائش ان جي ارتقائي دورن کي ڇڏي، واديءَ سنڌ جي انهي دؤر جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان جيڪو مهين جي دڙي، هڙپہ يا هاڪڙا وادي واري تهذيبي دور کان ڪو گهٽو اڳيرو پنهنجو وجود رکي ٿو، جنهن جي اثرات جون نشانيون ٺٽي نگر ضلعي (هت ٺٽي ضلعي کي آئون ساموندي پٽي يا سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي سان بيان ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان) جنهن جون تاريخ ۾ ساموندي سطح جي لحاظ کان مختلف وقتن تي مختلف دنگ يا حدون رهيون آهن. جڏهن ٺٽي ضلعي جو ذڪر ڪجي ٿو تہ ان مان مراد ٺٽي نگر شهر سان گڏ ٻيا شهر ۽ ڇوڙ وارو سڄو علائقو مراد آهي جنهن جو صورتحال تاريخ جي دورن ۾ مختلف رهندو پئي آيو آهي.

دنيا جي قديم دورن جي تاريخي ۽ جاگرافيڪل اپياس کي جڏهن نظر ۾ ٿو رکجي تہ ان وقت جي حالتن جيڪي انساني اوسر ۾ پيدا ٿيون، جن مان حضرت انسان کي گذرڻو پيو دنيا جي تاريخدانن، علم الانسان جي ماهرن ۽ جيالاجيڪل جي ڄاڻن ۽ کوجين جو انهن دورن جي اثرات ۽ باقيات جي سلسلي سان هن ڳالهہ تي اتفاق نظر اچي ٿو تہ: ”انساني وسندين هميشہ دريائي وهڪرن جي ميداني علائقن ۽ ان جي ڇوڙ وارن حصن ۾ وجود ورتو آهي. ميداني علائقن جي زراعت صنعت شهري زندگي ۽ وٽج واپار کي وجود ڏنو جڏهن تہ ڇوڙ وارن علائقن ميداني علائقن جي پيٽ ۾ آبي گذر گاهن ذريعي ساموندي علائقن سان ملحق ڪيو ۽ ميداني علائقن جي مال جي نيڪال ۽ کپت ۽ ڏيساور سان اچ وڃ واري ڳانڍاپي جو ڪردار اد اڪيو.“ ڇوڙ وارا علائقا گهاٽي جهنگلات سان گڏ مال وند ماڻهن ۾ ساموندي ڪناري جي ويجهو هئڻ سبب ٻيڙيائتا بہ هئا تہ هنن اتي وسنديون بہ آباد ڪيون. جيڪي ڏيهي ۽ پرڏيهي ماڻهن جي اچ وڃ ڏورانهن ڏيهن کان مال آڻڻ نيڻ ۾ پنهنجو هڪ سلسلو رکيو. ميداني علائقن جي وسندين جو تعلق ڏورانهن علائقن سان تاريخ ۾ اسان کي جتي خشڪيءَ جي رستي نظر اچي ٿو. اتي اهو آبي شاهراهن ذريعي پاڻ وڌيڪ سگهارو نظر اچي ٿو. مشرق توڙي مغرب ۾ ان جا ڪيترائي پار پتا تاريخ جي صفحن تي وکريل نظر



اچن ٿا. انهن ذريعن دنيا جي مختلف وادين جي تهذيبي روين جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو پيدا ڪيو جنهن سبب مختلف تهذيبون هڪ ٻئي کان متعارف ٿيون، جن جون شاهديون مختلف وادين جي قديم کنڊرن جي نڪتل شهرن مان مليون آهن. تاريخ جي انهي باقيات ۽ اثرات جي نشانين جي مطالعي انهي امر کي بخوبي پڌرو ڪيو آهي تہ ڪهڙي وادي جي تمدن جو تعلق يا ڳانڍاپو ڪهڙي وادي واري تمدن سان رهيو آهي ۽ انهن جا هڪ ٻئي تي ڪهڙا اثر پيل آهن.

جيئن مون پهريائين عرض ڪيو تہ تاريخ اسان کي اهو ٻڌائي ٿي تہ انساني وسندين ۽ انجي تهذيب جو بنياد دريائي وهڪرن سان لاڳاپيل رهيو آهي، نہ صرف اهو پر زراعتي دور کان اڳ جنهن ۾ ماڻهو شڪار جي تلاش ۽ پنهنجي مال جي چاري جي گذران واري دؤر ۾ هو تڏهن بہ هن لاءِ دريائي دوآبہ، دريائي ڪنارا، درياهن جي اتل وارا علائقا توڙي ڇوڙ وارا هنڌ رهائش جا ماڳ رهيا، جڏهن هن جي سرشت ۾ ڳوٺن ٻڌڻ ۽ وسندين وسائڻ جو خيال جاگزين ٿيو يا حالتن ۽ وقت جي ويرا هن لاءِ راهہ پيدا ڪئي تہ هن اهڙن ئي هنڌن تي وسنديون آباد ڪيون. شهر ٻڌا ۽ راڄداري جو بنياد رکيو. دنيا جي اندر اڄ تائين جيڪي بہ قديم آثارن جا نشان دڙن پڙن ۽ کنڊرن جي صورت ۾ مليا آهن. اهي دريائي علائقن جي پر يا ان جي دوآبہ واري حصي جي ويجهڙ ۾ مليا آهن. سنڌ جي وادي جي دڙن پڙن ۽ پراڻن پڊن جو بہ اهو حال آهي. جيڪي پاڻيءَ جي رسد تائين وارن ميداني علائقن ۽ ڇوڙ وارن هنڌن جي لڳ پڳ ڪر ڪنيو انسان جي ماضيءَ جي عظمت جي حامي پريندا رهن ٿا.

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ ”پاڻي زندگي آهي ۽ زندگي پاڻيءَ بنا ويران آهي.“ تخليق ڪائنات جي سلسلي ۾ هرقليطس جو پڻ اهو رايو آهي تہ ”زندگي جي شروعات پاڻيءَ کان ٿي.“ ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ”پاڻي زندگي جو مول آهي.“ تاريخ ۾ واديءَ سنڌ جي اهميت ۽ حيثيت پاڻيءَ جي ڪري رهي آهي. مٿس اهو نالو پڻ پاڻيءَ جي پوچ ۽ پيچ ڪندڙ انهيءَ عظيم وهڪري سبب پيو آهي. جنهن کي سنڌو، سپت سنڌو ۽ اباسين پڻ ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. ايرانين ”زندو اوستا“ ۾ هن کي ”مهرا“ ۽ هپت هندو ڪري ڪوٺيو آهي. جيڪو بمعني ”سپت سنڌو جي آهي.“ تاريخ جي ورقن ۾ آدم ثاني حضرت نوح جنهن کي استاطيري ادب ۾ ”اتنا پشتم“ ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو ان جي پٽ ”سام“ غالباً هن خطي کي وري آباد ڪيو.

انهي عظيم طوفان بعد حضرت نوح جي ٻيڙي جودي جبل تي وڃي

بيني جنهن کي کي عالم ڪوه ڪاف ۽ آپس جبلن سان تعبير ڪن ٿا تہ ڪي هن ڪي نيرو پربت ۽ سمير پربت جينالي سان ڪوٺين ٿا جنهن کي هينئر پامير جو مٿاهون پٽ يا پامير جبل ڪري چيو وڃي ٿو. ماهر اثريات وارن جي اپياس ۽ کوجنا بعد اهو پڌرو ٿيو آهي تہ سنڌ واري وارا جبل جيڪي ڪوه سليمان، هندوڪش ۽ کيرٿر جبلن جي زمري ۾ اچي وڃن ٿا، انهن جي عمر جو ڪاٿو اڍ ڪروڙ کان ڏيڍ ڪروڙ سال ٻڌايو وڃي ٿو. جن مان کير ٿر وارا جبل ٽي سالن مان پنج لک سالن جي درميان وارو عرصو سامونڊي پاڻي هيٺ هئا سنڌو ندي جيڪا اسان کي جنهن صورت ۾ نظر اچي ٿي اها راجستان جي علائقي ۾ چوڙ ڪندي هئي سندس وهڪرو اولهہ کان اوپر ۾ هو ٿر توڙي اهو سڀ علائقو سمونڊ جي نذر هو. تاريخ جو اهو دؤر برفاني دور کان پوءِ واري دؤر جو آهي. انهيءَ سڄي صورت حال کي نظر ۾ رکندي اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ٺٽي وارو علائقو جنگشاهي ۽ نوري آباد وارو ٿر، مڪلي جي ٽڪري. ابن شاهہ واري ٽڪري، پير پٺي وارو ٿاڪرو علائقو توڙي جهرڪن وارا ٽڪر، آمري اهي سڀ سمونڊ جي هيٺ هئا رفتہ، رفتہ زميني حادثن ۽ جيالاجيڪل تبديلين سبب پنهنجي وقت تي اڀري مٿي ظاهر ٿيا. ان جو اندازو بہ ڏيڍ کان ٽن لکن سالن تائين جو ڪيو وڃي ٿو.

اوائلي انسان جي پيدائش جي سلسلي ۾ علم الانسان جي ماهرن جا مختلف رايا آهن ڪن ڪٿي پيدائش ڄاڻائي آهي تہ ڪن ڪٿي. سنڌ وادي ۾ اسان وٽ رڳو ”آرين“ جي سلسلي سان گهوڙا هوندي آهي تہ هاءِ آريا، هاءِ آريا ڪنهن بہ تاريخدان انهيءَ نڪتي تي غور ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي تہ انسان جي پيدائش جيڪا آهي، اها ڪٿان کان شروع ٿي. انهيءَ نڪتي کان سفر شروع ڪجي، آريو آيو آهي ٿيون ڏينهن جي ڳالهہ، تاريخ جي حوالي سان جيڪي پنڌ انسان جي سامهون آيا آهن انهن ۾ هڪڙو روهڙيءَ واريون ٽڪريون جيڪو ”ڪوٽ ڏيجي“ وارو علائقو آهي ۽ ٻيو آهي ”آمريءَ“ وارو ماڳ ابتدائي انسان جا پيرا اتان واديءَ سنڌ ۾ شروع ٿيل ڏسجن ٿا. هونئن آسٽرولائيڊ انسان ڪروميگنان، نينڊرٿل، اتر آفريڪا جو اسپ خور انسان وغيره ابتدائي انسان جي سلسلي سان دنيا اندر ٻڌايا وڃن ٿا. ليڪن واديءَ سنڌ جيڪا سامونڊي پٽيءَ کان وٺي مٿي برفاني علائقن تائين موجود رهي آهي. ان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اتي انساني آبادي قديم پٿر واري زماني کان ٻاهران آئي. ليڪن آمري ۽ ڪوٽ ڏيجي جي ماڳن جي پٿريلي ذريعن ۽ انهن ۾ جامد ٿي ويل مادو تحقيق جي بنياد تي اهو ظاهر ڪري ٿو تہ جيوگهرڙو يا ابتدائي خليہ جيڪو جاندارن جي پيدائش جو



مول آهي جنهن ۾ انسان بہ اچي وڃي ٿو. ان جون شاهديون انهن پٿن ۾ موجود آهن. انهيءَ تحقيق مان اهو صاف ظاهر ٿو ٿئي تہ واديءَ سنڌ جي انسان جو اصل نسل يا خمير هتان جو ئي آهي، جيڪو هتي اسريو، نسريو، وڌيو ويجهيو ۽ تاريخ جي مختلف دورن مان گذريو هو ٻاهران نہ آيو آهي. ان لاءِ تاريخي شاهديون سندس هتان جي وجود هئڻ تي دلالت ڪن ٿيون. هن پاڻ ٻاهر وڃي پوءِ وري موٽ ڪاڍي آهي.

دنيا جي تاريخ ۾ اڪثر ٻن نسلن کي بيان ڪيو وڃي ٿو. هڪ ”آرين نسل“ ٻيو ”سامي نسل“ دنيا جون اڪثر قومون انهن ٻنهي نسلن سان تعلق رکن ٿيون. ٽيون نسل جيڪو ”دراوڙ“ جي نالي سان آهي ان کي هيچ ڪوئي ڪنهن ليکي ۾ ئي ڪونہ ٿو آندو وڃي. قومن جي شجري ۾ سميرين ۽ دراوڙ کي ڪنهن بہ هڪ نسل سان ڳنڍيو نٿو وڃي. آرين لاءِ اهو چوڻ آهي تہ اهي هن واديءَ ۾ ٻاهران آيا ان سان اتفاق ڪري نٿو سگهجي. ڇو تہ ارتقائي طور تي دنيا جي اندر ايتريون تاريخي حقيقتون موجود آهي جيڪي ثابت ٿيون ڪن تہ واديءَ سنڌ جو انسان هت اسريو، نسريو ۽ نقل مڪاني ڪري دنيا جي مختلف حصن ۾ ويو ۽ اتي بودباش اختيار ڪئي. هن جي سفر جا بہ سلسلا تاريخ ۾ موجود آهن. هڪڙو سامونڊي پٽي سان اولهہ ڏي هلي اتر آفريڪا، ڪريٽ، ڏکڻ يورپ (ان وقت يونوچ سمنڊ ڪونہ هو) وچ مشرق ۽ ڪاڪيشيا ۽ آذربائيجان وارن پٽن تائين پهتو هزارين سالن جي اتي جي بودباش بعد وري واديءَ سنڌ جي اتر اولهہ کان هن ۾ داخل ٿيو. ٻيو سلسلو ڏاکڻو ۽ اوڀرائون ڪنارو ڏيئي جاوا، سوماترا ۽ ان کان بہ اڳتي وڃي ٿو. ان بعد اهو ڏکڻ هندستان مان ٿيندو وادي گنگ و جمن تائين پهچي ٿو ۽ اتر کان ايل انسان سان هن جو مڪا ميلو ٿئي ٿو، اهي ٻئي سلسلا واديءَ سنڌ جا آهن. جيڪي هتان نڪرن ٿا ۽ هزارين بلڪ ان کان بہ مٿي عرصي بعد اچي ملن ٿا جيڪي اڳ پهتا انهن کي دراوڙ سان تاريخ تعبير ڪيو ۽ جيڪي بعد ۾ آيا اهي آريا سڏجڻ لڳا انهن جي باقيات جيڪا هن وادي ۾ رهي ان کي بہ دراوڙ سان تعبير ڪيو ويو. اتي نهايت اهم سوال پيدا ٿو ٿئي تہ ”سميري“ جيڪو سمي نسل نہ آهي. ان کي تاريخدان ۽ علم الانسان جا ماهر آرين نسل ۾ شمار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن تہ پوءِ آخر واديءَ سنڌ جو ماڻهو جيڪو اڄ کان هزارين سال اڳ سامونڊي پٽيءَ سان ميداني علائقن ۽ دريائي دوآبن لاءِ جيڪا نقل مڪاني ڪئي ان کي ڪهڙي لقب سان سڏجي؟ ان کي ڪهڙو نالو ڏجي؟ بحث کي مختصر ڪندي آئون هتي هڪڙي چوٽي عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان جيڪا اسان جي سنڌ ۾ عام آهي ۽ هئي تہ:

سُمير ۾ نہ ساريون کلر ۾ نہ کماند،
هر هاري ڏاند که ڄاڻان ڪيڏانهن ويا.

اڄ جي زبان ۾ اها چوڻي مٿئين صورت ۾ آهي اوائل ۾ ان جي صورت کهڙي هوندي ان لاءِ ڪجهہ چئي نٿو سگهجي ليڪن لفظن جي هيئت ۽ سمايل تصور ڪي نظر انداز بہ ڪري نٿو سگهجي. هن ۾ اصل مقصد لفظ ”سمير“ بحث طلب آهي. آخر اهو هن چوڻيءَ ۾ ڪيئن آيو. اسان وٽ لفظ سنڌ، سميري ڍنڍ / سامرائي ڍنڍ (جيڪا امرڪوٽ جي اولهائين ۽ ڏاکڻي طرف واري پٽ ۽ ڏيپلي جي تر واري حصي ۾ آهي) سارن ڍنڍ بہ ان ئي وراڱ ۾ آهي. سميري ديهہ، سمو، سومرو، ساڪرو، سوماترا، سيستان وغيره اهي ۽ انهي قسم جا ٻيا لفظ ڇاڻا ڏيکارين. اهو هڪ سوال آهي؟ مون تاريخ جي جنهن دؤر جو ذڪر ڪيو آهي، ان ۾ مئڊا گاسڪر، سلون ۽ انڊ مان نڪوبار وارا ٻيٽ هند جي هيٺئين نوڪ، جاوائي ٻيٽن واري پٽي انڊونيشيا وارا ٻيٽ آسٽريليا کنڊ اهي سڀ ملحق هئا عرب ۽ آفريڪا ڪي جدا ڪندڙ سمنڊ نہ هوءِ نہ وري ايراني ڪاري هئي ڏکڻ آمريڪا ڏکڻ آفريڪا ڪي بلڪل ويجهو هو. ندين نالن جا وهڪرا اهي نہ هئا جيڪي اڄ ڪان ڪجهہ هزار سال اڳ نظر اچن ٿا. يا آهن.

ڳالهہ هلي پئي ٿي جي جنهن جي ساموندي ڪناري تي ڪجهہ لکڻ لاءِ مون قلم کنيو. هن هيڏي سڄي ساري پٿاهڙ ان لاءِ ڪئي اٿم تہ هن واديءَ جي قوم، دريا ۽ سمنڊ جي صحيح نالن ۽ تاريخي پس منظر تي ڪجهہ غور ڪجي تہ آيا انهن جي اصليت ڇا آهي ۽ ڪيئن آهي. هي خطو جيڪو ٺٽو سرڪار يا ڇاڇڪان / چڪرهالہ يا ساموئي وارو پرڳڻو جي نالي سان تاريخ ۾ پنهنجو مقام رکي ٿو. ان جي مٿئين بيان ڪيل صورت ڪي نظر انداز نہ ڪجي تہ بهتر آهي.

ارتقائي حيات ۾ جتي نيندرٿل، ڪروميگنان ۽ اسپ خور انسان جي باقيات جو پتو پوي ٿو اتي اسان ”آمري“، ”ڪوٽ ڏيجي“ ۽ ”سوان“ وادي مان مليل باقيات جي آذار تي اهو ضرور چئي سگهون ٿا تہ نسل انساني جي ارتقائي ڪڙين ۽ ان جي شاهدين جي سلسلي ۾ ”درواڙي“ نسل جي انسان جي ابتدائي دور ڪي ان سان ڳنڍي سگهون ٿا اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ جو لفظ ”ڊراڙ“ ان باقيات جي سلسلي جي ڪا بگڙيل نہ پر عمل جي لحاظ ڪان صحيح نشاني آهي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ ”دراوڙ“ آسٽريلائيڊ ۽ بحيره روم جيڪو اڳ ميداني علائقو هو اتان جي انسان سان اختلاط جو نتيجو آهي. جيڪڏهن انهيءَ ڪليہ ڪي تسليم ڪجي تہ پوءِ اهو بہ مڃڻو پوندو تہ مد ۽ جاٽ خود درواڙ نسل جي پيداوار



آهي، جيڪو پڻ هتان جو نهايت قديم باشندو آهي. اهي ٻئي نسل ساموندي علائقي ۽ ميداني علائقن ۾ اڄ بہ موجود آهن ۽ سيمٽڪ يا سميرين سان مشابہ آهن. اڄ ڪان لکين سال اڳ ڌرتي جي بناوت ۽ انجي ساموندي سطح کهڙي هئي ان لاءِ عالمن جي بيان ڪيل تحقيقي راين ڪي نظر انداز ڪري نٿوسگهجي. انسان جي نسلي تحقيق جي روين ۽ جسماني بناوت تي عالمن جيڪا راءِ قائم ڪئي ان جي آذار تي ”دراوڙ“ سنڌ جي واديءَ جي مهان قوم آهي، اهو چوڻ تہ آرين انهن ڪي تهذيب ۽ شائستگي سيڪاري ان ڪي ڪو خاص وزن نٿو ڏيئي سگهجي ”دراوڙ“ خود تعمير جي فن، شرهي نظام معاشرتي آداب، ڪيتي ڪرڻ، ڪپڙو اڻڻ، ٿانون ٺاهڻ واري هنر ۾ پڙ هئا، آرين خود انهن هنرن ڪي ”دراوڙن“ ڪان سکيو ۽ انهن جي ديوتائن ڪي بہ پنهنجو ڪيو. آريا ٻہ هزار ق-م ڪان 1500ق.م واري درمياني حصي ۾ واديءَ سنڌ ۾ وارد ٿيا. واديءَ سنڌ جي ماڻهوءَ جي نقل مڪاني جا تاريخ ۾ ڪيترائي ثبوت موجود آهن. تاريخ جا عالم جي روشنيءَ ۾ انساني ساخت ان جي باقيات ۽ انجي نسلي ڇنڊ ڇاڻ جي بنياد تي تذبذب جو شڪار آهن. ڇاڪاڻ تہ آرين جو هن واديءَ جي انسان ڪان غير متعلق هئڻ وارو نظريو ڪين ڌهندو نظر اچي ٿو. هي ڳالهہ تحقيق ۽ وقت جي فيصلي تي مدار رکي ٿي ”مهين جي دڙي“ جي تمدن لاءِ ”ميڪڊونالڊ“ جو چوڻ آهي تہ اهو سميريائي، تمدن جي فرع آهي. جڏهن تہ ”هِل“ جو خيال آهي تہ ”سميريائي“ تمدن بذات خود ”مهين جي دڙي“ ۽ ”هڙپائي تهذيب“ جي هڪ شاخ آهي. ”ارنسٽ ميڪي“ جو چوڻ آهي تہ ”سميرين“ ۽ ”وادي سنڌ“ جي ماڻهن جا ابا ڏاڏا هڪ ئي نسل مان هئا.“

سميرين جي تحريري الواحن مان ماهِر اثريات وارن ڪي جيڪا معلومات ملي آهي اها مٿين ڳالهين جي وڌي تصديق ڪري ٿي.

(الف) دلمون، ميلوها ۽ ماگان جي شهرن مان مال جنهن ۾ گرم مصالح، سون، چاندي، ٽامون، ٽين، قيمتي پٿر، موتي، مٽڪا، عاج مان ٺهيل سامان، ڪپڙو، ريشم وغيره سميرين جي علائقي ميسوپوٽيميا ۽ بئلبوينا ڏانهن آبي توڙي خشڪي گذر گاهن ذريعي ويندو هو.

(ب) سنڌو ماٿر جا ”پڻي“ بئلبونيا ۽ مئسوپوٽيميا جي ڏکڻ ۽ الهندي ايشيا ۾ بيئڪون وجهي وينا ۽ اهي سميرين يا سيميٽڪ وارن سان سنگ ڳنڍي گڏجي ويا. هنن اتي ”ميلوها“ نالي وسندي آباد ڪئي جنهن جا آثار (4000 هزار ق.م) سال ق.م جا آهن.

(ج) ”ليمبرگ ڪاريو وسڪي“، ”ڊاڪٽر محمد رفيق مغل“ ۽ ”اليزبيٿ ڪاسپرر“ جي کوجنا ۽ تحقيق مطابق ته اهو واپاري ۽ ماڻهن جي اچ وڃ ۽ هڪ ٻئي سان اختلاطي سلسلو ان ڪان به آڳاٽو پانئجي ٿو، ڇو ته ”چانهونءَ جي دڙي“ مان جيڪي مئنقش مٽڪا مليا آهن يا ٿانون يا ڪارچوبي جي ڪم جا جيڪي نشان مليا آهن، انهن جي عراق جي ”تل اسمارا“ واري شهري کنڊرن مان مليل اهڙن شين سان وڏيڪ ويجهڙائي نظر اچي ٿي، جهڙوڪر انهن جا ڪاريگر ساڳيا يا ساڳيو نسل رکندڙ آهن جن وٽ انهي هنر جو تسلسل موجود هو.

(د) سميري حاڪم شروڪن اعظم / شيارگني شري، سارگون جي حڪومت دلمون ڪان قبرص تائين هئي. سميرين جي تحريري الواحن مان دلمون، ميلوها ۽ ساگان جي ماڻهن جي جهازن ذريعي سميرين جي قديم ۽ اهم شهر ”نپور“ ۾ ”ان لِل“ ديوتا جي سندس لاءِ مال اسباب جو ذڪر به ڄاڻايل آهي.

سنڌو جو ڊيلٽا اڄ کان ڪيئن هزارين سال اڳ انتهائي اڀٽي يعني اوريان هو. سنڌو جيڪو ڪنهن زماني ۾ راجستاني علائقي واري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندوهو هو غرب روي ۽ جيالاجيڪل تبديلين سبب سوات جبلن جي وچان ڪوئيٽا جي اوپر واري علائقي ڪنڊڪوٽ جي پران ڪيرٿر جي بنه پاسي ڪان وهي اتان سڌو اوپر، اوپر ڏکڻ وجي سنڌ جي ميداني علائقي مان به وانجرو وهي هيٺ چاڙهون ۽ ڊورا ٺاهي وجي سمنڊ سان سيهوڳي ٿيندو هو. ان وقت مڪلي وارا ماڳ ۽ سوندن جي سيم سان سمنڊ جي ڪر پئي لڳندي هئي. ڪلاچيءَ وارو ٽڪرو به ٻيٽاري وانگيان هو. سمنڊ جي سڌي ليڪ ڪيڄي ته بديڻا، پارڪر ۽ پاري ننگر اهي يا ته سمنڊ هيٺ هئا يا وري ان جا دنگائي ٻٽيل هئا. ٿر وارو علائقو راجستان واري قديمي سمنڊ جو حصو آهي. ان کان اڳ ٿرري گجو آمري واري زماني ۾ سمنڊ جي ڪپر تي هو. 171ق.م ۾ ايران جي شهنشاه داريوش / دارا پنهنجي هڪ يوناني اميرالبحر ”اسڪائي ليس“ کي سنڌ جي وادي جي درياهن جي حال لهڻ لاءِ روانو ڪيو. جنهن گنڌارا واري علائقي ”ڪمپاپيروس“ کان دريائي رستي سنڌو جو سفر شروع ڪيو ۽ ان جي ڇوڙ واري علائقي هند ساگر / سنڌ ساگر تائين وجي پهتو جتان هن مصر لاءِ سفر اختيار ڪيو انهيءَ سڄي دريائي ۽ بحري سفر ۾ ”اسڪائي ليس“ کي اڍائي سال لڳا سنڌ جي زرخيزي کان متاثر ٿي غالباً هن سنڌ تي ڪاه ڪئي.

سڪندر مقدوني کان اڳ ابوالتاريخ ”هيرو ڊوٽس“ (484 ق.م — 425ق.م) جنهن مغرب کي سنڌ ملڪ سان روشناس ڪرايو هن کي سنڌ جي وادي ۾ ڪپه



جي پوک ڏسي حيرت ٿي. جنهن لاءِ هو ڄاڻائي ٿو ته ”سنڌ ۾ هڪ ٻوٽو آهي جنهن ۾ چانديءَ جا گل ڦٽن ٿا“.

انهيءَ کان اڳ يوناني گاٿائن (ڳاهن) ۾ جن کي يوناني شاعر ”هومر“ پڻ بيان ڪيو آهي. اسان کي انهن ۾ اهڙا لفظ ۽ داستانن ۾ اهڙا ٿاٽا ملن ٿا جيڪي سنڌ جي وادي جي ماڻهو ۽ ان جي هنرمندي جو پتو ڏين ٿا. انهن ڪردارن کي ”لوگل باند“، ”ان ڪيتو / ان ڪدو“ جي نالن سان بيان ڪيو ويو آهي، جنهن کي سولي سنڌيءَ ۾ لڳڙ ٻنڌ يعني گوڏ ٻڌل ۽ ان اپائيندڙ يا ان پيدا ڪندڙ سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. ’انهن لاءِ اهو چوڻ آهي ته‘ اهي انهي ملڪ مان جتان سج ايري ٿو ۽ جتي وڻن ۾ چاندي پيدا ٿئي ٿي انهي ملڪ مان هت آيا ۽ اچي هتي وارن کي پوک ڪرڻ ۽ ڪپڙو ٺاهڻ سيکاريو.“

يوناني گاٿائي جا اهي ڪردار بنيادي طور تي سنڌ جا ماڻهو آهن، جيڪي اتي پهتا ۽ اِهي ڪم سرانجام ڏنائون. جن جي تعريف يوناني ڏند ڪٿائن ۾ اڄ به موجود آهي.

درياءِ ”سيحون“ جي حوالي سان جنهن جو ذڪر سميرين ۽ عقادين جي الواحن ۾ اچي ٿو جن جا هن واديءَ سان گهرا لاڳاپا تاريخ ۾ نظر اچن ٿا. غالباً اهو ئي ”سدورو سنڌو“ آهي جنهن لاءِ ”رِگ ويد“ ۾ جن کي (500 ق.م، کان 100ع) عيسوي سن واري دؤر جي درميان لکيو ويو ان ۾ ڪنهن رشي سنڌوءَ جي تعريف ۾ هينيان شبد چيا آهن:

”اجهل اڻ موٽ سنڌو
ٻل واري سگهاري سنڌو
ڏيهن ۽ ميدانن مان اپار پاڻي جا
ڦهلاء ڪٽي جرڪندي ڪڙڪاٽ ڪندي وهندي رهين ٿي.
جهڙي ابلق گهوڙي.“
”سونهاري ۽ سوپياوان سنڌو
پلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي.
۽ شاهوڪار آهي رٿن ۽ ويس وڳن ۾،
سهڻي گهڙهي سون ۾ شاهوڪار
اڻ مئي مايا جي مالڪ،
هتان جا گل نيڻ ٺار ۽ سونهن وارا

اُن اهڙي جو وينو ڏس
ان جي پاڻي جو ميناج نہ پڇ.“

**سنڌو ڪشت**
**(رگ ويد جو هڪ سنڌي رشي)**

ٻئي هنڌ سنڌوءَ لاءِ وري هيئن رچيل آهي:

”سون ورني سرهي سنڌو
سدا گجندڙ، ڏوڪيندڙ، پڇندڙ، ڊرڪندڙ
وهندڙ تار تي وڃي اگهاڙي سمنڊ ۾ ڪرندڙ سنڌو
سڀاجهن ۽ سائين سنوارين سنڌين کي
هميشه نون، زمانن جي سوغات ڏيندي رهي ٿي.“

سنڌو آد جڳاد کان هماليہ / سمير، پربت جي دامن کان وٺي ”سنڌي سمنڊ“ تائين سگهاري ۽ اجهل ٿي وهندي رهندي هئي.

دارا اعظم جي دؤر بعد سڪندر مقدوني (325-327ق.م) هن وادي ۾ پير رکيا. جنهن سان وڏو اٿالو ۽ وڏا ڄاڻو ماڻهو هرفن جي سلسلي ۾ گڏهئا. واديءَ سنڌ جي اترئين حصي کي فتح بعد هو جيئن جيئن هيٺئين علائقي ڏانهن وڌندو ويو تہ سندس مزاحمت ۾ اضافو ٿيندو ويو واديءَ سنڌ جي هيٺئين علائقي جي راجا سانمبس سندس مقابلو ڪيو سڪندر سامبس جي حڪمرانيءَ واري علائقي ۾ جنگ جي اختيار ڪيل طريقہ ڪار کان پريشان ٿي پيو سامبس سان صلح ڪري خشڪيءَ رستي اڳتي وڌيو. سڪندر دريائي ۽ سامونڊي حال لهڻ لاءِ اڳواٽ ئي ”پيريپلس“ کي روانو ڪيو جنهن ۾ سنڌو مڪلي وارن هنڌن کان اوپر کان مٿاهون ٿي اُڙهو. جنهن جا ”پيريپلس“ ست چوڙ ٻڌائي ٿو وچ وارو چوڙ اونهون هو جنهن ۾ جهاز هلندا هئا ۽ ”بار بريڪان“ جي بندرگاه تي لنگر انداز ٿيندا هئا ۽ مال ”مين ننگر“ ڏي ويندو هو جتي واپاري ۽ دلال ان کي نيڪال ڪندا هئا جنهن کي ٻاهريان واپري خريد ڪري خشڪي ۽ دريائي رستي پنهنجي ماڳن ڏانهن نيندا هئا. ”ٿالمي“ جيڪو ”پيريپلس“ کان پوءِ آيو اهو انهيءَ سامونڊي بندرڪي باپرائي / ”باربريڪم“ ڪوني ٿو ”پيريپلس“ سنڌ جي هيٺئين علائقي کي ”سٿيا“ ۽انجي راڄڌاني کي ”مين نگر“ جي نالي سان سڏي ٿو. چوڙ وارن وهڪرن جا هو هيٺيان نالا ٻڌائي ٿو:



1. ساگاپا، صفا اولاهين چوڙ وارو وهڪرو.
2. سنٿن.
3. ڪري سائون.
4. ڪاري ڪاران.
5. ساپرا.
6. سابا لائسا.
7. لوٽي ٻاري.

”ٿالمي“ مين نگر کي ”بين نگر“ ڄاڻائي ٿو. ”ساگاپا“ اهو الهنديون ڦاٽ آهي. جيڪو پوءِ گهارو ڦاٽ جي نالي سان مشهور ٿيو. انهي ”ساگاپا“ کي سڪندر جي اميرالبحر ”نيرڪوس“ ڳولي لڌو. سڪندر سنڌ جي هيٺئين حصي ۾ ڊاٻو ڪري سامونڊي لنگهہ ۽ ڪناري جي حالت لهڻ لاءِ پنهنجي اميرالبحر نيرڪوس کي روانو ڪيو ان جي جاچنا ڪري اچڻ جي وقت تائين سڪندر کي انهيءَ علائقي ۾ سخت ترين گوريلا مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو. جنهن جي حملن کان فتح جي باوجود سندس لشڪر تنگ اچي چڪو هو. سڪندر کي سنڌين جي سورهيائي جو اعتراف ڪرڻو پيو سندس آڏو جنگ جو اهو نئون طريقو سامهون آيو هو. جنهن کي سنڌواسين سندس جرار لشڪر جي مقابلي ۾ اختيار ڪيو هو. سڪندر ڪجهہ لشڪر کي خشڪي رستي روانو ڪيو ۽ باقي لشڪر کي ”نيرڪوس“ جي نگرانيءَ ۾ بحري رستي موڪليو پاڻ خشڪيءَ واري جٿي سان شامل رهيو. ”نيرڪوس هند ساگر / سنڌ ساگر مان ٻيڙا هاڪاري روانو ٿيو.

مٿي مون ڪٿي ”سنڌي سمنڊ“ جو لفظ استعمال ڪيو آهي. ان باري ۾ عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ سميرين، اڪادين جي دور کان وٺي دارا اعظم جي اميرالبحر ”اسڪائيلس سڪندر اعظم جي امير البحر ”نيرڪوس“ جاگرافيدان ”ارسٽوبيولس، سڌ سماءُ واري راڪي ”پيريپلس“ جاگيرافيدان هيرو ڊوٽس“ اطالوي سياح ”مارڪو پولو“ چيني سياح ”هوانگ فانگ“ عرب جاگرافيدان ”ابن حوقل“ جنهن اشڪالالبلاد ۾ سنڌ جو نقشو ڏنو آهي. سمنڊ لاءِ ”عربي سمنڊ“ جو لفظ استعمال نہ ڪيو آهي. مسلم دؤر جي جاگرافيدانن، سياحن پنهنجي تصنيفات ۾ جهڙوڪ البلاذري فتوح البلدان ۾، اَبو اللقاسم عبيد القدر جنهن کي ”ابن خرداز بہ“ چيو وڃي ٿو المسعودي، مروج الذهب ۾، ابو اسحاق اصطخري، الادريسي، بشاري مُقدسي. يا قوت حموي، علامہ القزويني، اليعقوبي

وغيره پنهنجي تصنيفات ۾ سمنڊ لاءِ عربي سمنڊ جو لفظ استعمال نہ ڪيو حالانڪ ويندي ديبل جي فتح تائين. اهو لفظ استعمال نہ ٿيل آهي. سومرا دؤر ۾ بہ اهو لفظ نظر نٿو اچي سما دور ۾ پورچوگيزن جي نٿي جي ڦرلٽ جي نسبت سان بہ عربي سمنڊ جو لفظ استعمال ڪيل نہ آهي، نہ وري سومرا ۽ سما دؤر ۾ اهو لفظ نظر اچي ٿو.

رشيدالدين همداني پنهنجي ڪتاب جامع التواريخ (1310)ع سنڌوءَ جي چوڙن ڪي جتي هو سمونڊ ۾ وڃي پون ٿا ان لاءِ سنڌ ساگر يعني سنڌ جو سمنڊ جو لفظ استعمال ڪري ٿو. ’اليٽ‘ جو چوڻ آهي تہ همداني جو ڪتاب، ’البيروني‘ جي ڪتاب ’عجائب الهند‘ جي فارسي ۾ ٻي شڪل آهي. ’ابن بطوط‘ جيڪو سنڌو ندي ذريعي سفر ڪري (800 صدي هجري) جي ٺٽين ڏهاڪي ۾ پهچي ٿو اهو بہ ’لاڙي بندر‘ لاءِ اهو ٿو لکي تہ ”هي شهر سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌل آهي ۽ خوبصورت شهر آهي. پوئين دور ۾ سندن ۽ پورچوگيزن سنڌي سمنڊ بجاءِ فارس وارو سمنڊ ۽ هندي سمنڊ جا لفظ استعمال ڪيا آهن.“ جيڪو اڳتي هلي استعماري قوتن جي زير اثر ’عربي سمنڊ‘ ٿيو ۽ اڄ تائين اهلِ سنڌ جي مٿي ۾ لڳو پيو آهي. جنهن تي عربن جو ڪو حق ڪونہ آهي. محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ يا ان ڪي يرغمال ڪرڻ جو اهو مطلب نہ آهي تہ تاريخ جي نالن ۽ ماڳن ڪي انهيءَ ملڪ جي نبست سان موسوم ڪجي، سنڌي ماڻهو غلاميءَ جي انهيءَ نشاني تي ايترو نازان آهي، جو پنهنجي قوميت ڪي ان سان مٿائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو سنڌ جي سرزمين جي نہ عرب جي ملڪ سان ڪا حد لاڳو آهي ۽ نہ وري ان ملڪ جي ڪا ندي يا هن ڌرتي تان وهندڙ هئي يا آهي پوءِ خبر نٿي پوي تہ ڪهڙن سببن ڪري سنڌي سمنڊ ڪي عربي سمنڊ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. جنهن ڪي عظيم تاريخي غلطي سان گڏ تاريخي هاجو چئجي تہ بجاءِ آهي.“

عربن جي سنڌ ۾ اچڻ وقت سنڌو ديبل جي اوپر ۾ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. ان وقت بہ سندس دريائي چوڙ هئا ۽ هو دو شاخو ٿي وچين سنڌ مان هيٺئين علائقي ۾ ايندو هو. عرب جاگرافيدان المقدسي جيڪو پاڻ هت آيو تنهن صاف لکيو آهي تہ ”ديبل هوالبحرية“ يعني ديبل ساموندي پاٽي وارو بندر آهي. دريائي چوڙ واري وهڪري ’نالہ ساڪره‘ جنهن ڪي يونانين واري دور جو ساپرا /ساگاپا تصور ڪري سگهجي ٿو. بهرحال نٿو ضلعو قديم توڙي وچئين دور ۾ سنڌوءَ جي چوڙ وارن ڦاٽن سان پريل رهيو آهي. تاريخ جي هر دؤر ۾ هن پورالي ندي جا چوڙ بدلبا رهيا ۽ انهن جا نالا بہ ٻيا، ٻيا ٿيندا رهيا. اڄ انهن وهڪرن وارن واهندن تي انهن جي نسبت سان ٿوري گهٽي ڦير گير سان شهرن تي نالا بہ آهن. جيئن



’ساڪرو‘ بلڙي، وغيره ڪلهوڙن جي دؤر ۾ دريا پنهنجو رخ بدلايو يا بدلارايو ويو ڪڇ واري معاملي ڪري، تہ ان بعد وري ٻين ڦاٽن وجود ورتو جيڪي گڏريل ڏيڍ بہ سَو سالن ۾ مشهور رهيا. جهڙوڪ ڪلري، بگهياڙ، پنياري، ستو، اوچتو يا مجامڙو، ڦليلي بہ دريائي ڦاٽ هو. پر اهو سمنڊ جي بجاءِ رڻ جي ڪڇ ڏانهن آخر ۾ ٿي ويو چو تہ هن تي آبادي ٿيندڙ هئي.

مٿي مون سنڌي قوم جي اصل نسل ۾ دراوڙ ۽ سميري ڪي ۽ آريہ ڪي بيان ڪيو آهي ان سان گڏ ڪٿي ميد ۽ جاٽ جو بہ ذڪر ڪيل آهي. جنهن ۾ جاٽ / جت قوم اها سنڌي اصليت جي بنياد تي اسپين تائين اڄ بہ موجود آهن. يورپ جو جپسي انهيءَ قوم جي باقيات آهي چچ نامي جو مصنف لهاٽي ڪي ’لهاٽي جت‘ ڪري لکي ٿو. ٻئي طرف ڪن تاريخدانن جو رايو آهي تہ لهاٽو جيڪو واپاري / پٽي سان واسطو رکي ٿو اهو سميرين جي ميد شاخ جي چانگ / ٿاري آهي ۽ مهاڻو جيڪا ساموندي ٻيڙيائتي قوم رهي آهي اها ساموندي قزاقي ڪندي هئي ۽ انهي جهازرانيءَ جي هنر ۾ ماهر هئي. ’فينقين‘ ڪي جهازن لاءِ سڙه جي ڄاڻ هنن ئي ڏني. ’ڪاڪو پيرومل‘ تہ اهو بہ لکي ٿو تہ فلئنڊ ۾ هن وقت جيڪي ’سموئيڊس‘ آهن اهي اصل ۾ ”سمايدو“ آهن. يعني اهي سماراجپوت آهن“ سنڌ جا سومرا يا سما، ميديا جاٽ اهي سڀ هن وادي جي پيداوار آهن. بلاذري لکي ٿو تہ محمد بن قاسم ’سرست‘ جي ماڻهن سان ناه ڪيو. اهي ماڻهو سدائين جهيڙيندا هئا اهي ميد نسل جا جهاز ران ڌاڙيل آهن. ٻئي هنڌ ائين اچي ٿو تہ ”خليفي معتصم باالله پنهنجي پٽ ’عمران‘ ڪي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو هن ’ميدن‘ سان جنگ ڪئي ۽انهن جا ٽي هزار ماڻهو قتل ڪيا، هن ميدن جي ملڪ (علائقي) ۾ بند تعمير ڪيو جنهن ڪي ’سڪرالميد‘ چيو ويندو هو. (شايد شڪور ڊنڍ جيڪا ڪڇ جي ڪس تي بديڻن ڪان هيٺ آهي اها انهيءَ سڪورالميد جي نشاني آهي) سنڌ جي ساموندي پٽي وڏي اهم رهي آهي. سماٽ قوم جون ذاتيون جت مهاڻا، لهاڻا اهي سڀ هتان جا ئي آهن. سورج و نسي، چندر ونسي، يادو ونسي انهن جي مڙنئي ڪُلن جو بڻ بنياد سنڌ جو اصلي باشندو ’دراوڙ‘ جيڪو سميرين جو ساٿي ۽ انهن جو فرع آهي ان مان ئي آهن“.

هن سلسلي ۾ وڏو وڏاهہ مهين جي دڙي جي لکت نہ پڙهڻ وارو عمل آهي. جنهن لاءِ اسان جي ادارن توڙي عالمن ڪو خاص ڪردار ادا نہ ڪيو آهي. جڏهن تہ روس فلئبز ۽ مدراس جا عالم ان ڏس ۾ نهايت ڪوشان رهيا آهن. مهرن جو نہ پڙهڻ نہ صرف زبان جي تاريخ ڪي سمجهڻ واري عمل ۾ حائل آهي، پر سنڌي قوم جي وجودي اوسر ارتقا ۽ ان وقت جي اقوامي لاڳاپن ڪي اجاگر ڪرڻ

۽ انهن کي سمجهڻ ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ٿوري گهڻي جي ڪوشش ڪئي آهي ته ان ۾ پرڏيهي عالمن جو حصو آهي. اسان جا عالم انهن جي ڪم جي نقل نويسي به پوري ريت ڪري نه سگهيا آهن. انهن حالتن ۾ تاريخ جو طالبعلم ڪنهن فيصلائتي نڪتي تي پهچي نٿو سگهي جيئن "محترم بدر ابڙي" گجو وٽان قديم تحرير کي ڳولي لڌو ان کي هو علامتي آثار تي موهن جي دڙي کان اڳ جي تحرير قرار ڏئي ٿو سندس اهو چوڻ نهايت وزندار آهي. 'بدر صاحب' جي ڪيل انهيءَ جاکوڙ کي هتي ڏيڻ آئون مناسب ٿو سمجهان. ان لاءِ هو هن طرح لکي ٿو:



"گجو اهو ماڳ آهي جتي سنڌو ماٿريءَ جي سڀ کان قديم لکت موجود آهي. اکرن ۾ هڪ گول آهي ٻيو اکر چوڪنڊي کي چئن خانن ۾ ورهائي ناهيو ويو آهي، هڪ اکر مڇي جهڙو آهي. هڪ اکر هڪ چورس کي ٻن ٻي ترتيب ٽڪنڊن ۾ بدلائي ناهيو ويو آهي. هڪ اکر مستطيل آهي جنهن کي ٻن ٽڪنڊن ۾ ورهائي مستطيل جي چئني ڪندن تي ڪندن جهڙا وڪڙ ڏنا ويا آهن، هڪ اکر ته مهين بيراڳڻ جهڙو آهي هڪ اکر جي شڪل سمجهائڻ مشڪل آهي ڪي ٻيا به سنها ٿلها نشان آهن."

ٻوليءَ جي انهن قديم علامتن کي پيش ڪندي اهو ضروري ٿي پوي ٿو ته هتي موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي رسم الخط ۾ انجي علامتن کي قارئين لاءِ پيش ڪجي.



## موهن جي دڙي جي مهرن واريون اکري علامتون




هتي آئون انهي سلسلي ۾ ضروري ٿو سمجهان ته سنڌ جي وادي جي قديم تهذيب ۾ عام طور تي استعمال ٿيندڙ تصويري حرفن جو پوٽاميل ڏجي ته بهتر ٿيندو.

"تصويري حرفن جي علامتي اکرن جو وچور



ڪن عالمن هنن نشانين کي به تصويري حرفن جي علامتي حرفن ۾ شمار ڪيو آهي.



واديءَ هاڪڙا جيڪا اصل ۾ قديم واديءَ سنڌ جو مٿيون ۽ اتريون اوڀرائون حصو رهي آهي. جنهن لاءِ سڪندر جي ڪاهه وقت سندس

جاگرافيدان ارسٽيوبليس جي چوڻ مطابق تہ هي وادي اڄ کان هڪ هزار سال اڳ تباهہ ٿي چڪي آهي. اهو ان جي آثارن مان ظاهر ٿئي ٿو. 'باڪٽراڊيم' رپورٽ جيڪا انڊيا مان شايع ٿي ان ۾ هن وادي بابت ڪافي معلوماتي مواد ٻڌايو وڃي ٿو.

مهين جو دڙو قديم عهد ۾ مسلسل آباد رهيو آهي جو کوٽائي مان تهہ در تهہ شهر جا نشان مليا آهن. جيڪي هن جي اجڙڻ ۽ وري آباد ٿيڻ کي ظاهر ڪن ٿا. جنهن ڪري هن جي رونقن ۾ مڪمل تباهي واري دور تائين ڪا ڪمي ڪانہ آئي. انهي طرح سان ملتان جي قديم قلعي مان نڪرين ۽ ڪتبن جي ٽڪرن تان جيڪي قديم حرفن جا نشان مليا آهن. اهي بہ دلچسپي کان خالي نہ آهن جن ۾ 'مهن جي دڙي' جي حرفن سان ڪن زاوين ۾ مشابهت جا اهڃاڻ ملن ٿا. انهن کي آئون هت ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

ملتان جي قديم قلعي مان مليل نڪرين ڪتبن جي ٽڪرن تي حرفن جا نشان



سنڌو ماٿر جي سڀيتا جيڪا ساموندي پٽيءَ کان وٺي مٿي سوات ۽ سواني تائين ڪنهن زماني ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمايو ۽ وچ مشرق ۽ ان کان اڳتي وارن علائقن کي تهذيب ۽ شائستگي، هنرمندي ۽ پوکي راهي، وڻج واپار کي روشناس ڪرايو ۽ هتان جا قديم رهاڪو اتي بينڪو ڪري وڃي وينا جن جا پار پتا علم الآثار وارن کي ڪيترائي مليا آهن. سميرين جي ٻوليءَ جي علامتن ۽ ڪريٽ ۾ ڪن اکرن جي مماثلت وڏي اهميت واري آهي. هتي سنڌ جي وادي مان "لوٿل" "هڙپہ" ۽ "مهين جي دڙي" جي قديم تهن مان لڌل لکتن جو چارٽ پڻ پيش ڪجي ٿو.






(خاڪو-34) سنڌ سڀيتا جي قديم تهن تان لڌل لکتون

لاهور جي ميوزم ۾ هڪ سر موجود آهي جنهن تي 'اُر' (عراق) جي 'شاهہ اول برسن' جي زماني جي عبارت کندن ڪيل آهي. جنهن کي ڪتاب جي مصنف 26 سيپٽمبر 1954ع ۾ نقل ڪري ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي ان کي بہ هت ڏجي ٿو.



**'اُر' (عراق) جي شهر مان 2220 ق.م جي زماني جي مليل سر تي لکيل عبارت جيڪا لاهور ميوزم ۾ موجود آهي."**

واديءَ سنڌ جيان دجلہ ۽ فرات جي وادي کي قديم تاريخ ۾ ڪافي اهميت وارو تصور ڪيو وڃي ٿو ان جي ڏکڻ اولهہ ۾ جيڪا قوم آباد هئي ان کي سميري ڪوٺيو ويندو هو. سمير جي اتر ۾ بابل ۽ نينوا جا شهر آباد هئا. آثارن جي مطالعي مان اهو بہ پتو پوي ٿو تہ "مهين جي دڙي"، "هڙپا" ۽ "سميرين" جي شهرن جي تهذيب ۾ وڏي مماثلت هئي. هتي (612ق.م) ۾ تباهہ ٿي ويل عبادتگاهہ

جيڪا قديم نينوا جي ماڳ ۾ ’مدينة الشمس‘ جي نالي سان هئي ان جي کوٽائي مان مليل اثريات ۽ باقيات جي سلسلي سان مليل مجسمي ’سمي بنت ڪجا‘ جي هيٺان جيڪا عبارت لکيل آهي ۽ ٻي جيڪا ’ڪنزي بن أبي‘ انهن کي هتي پيش ڪجي ٿو جنهن جي مماثلث ’أر‘ واري سر جي ڪتبي ۽ ملتان جي قديم قلعي ۽قدري مهن جي دڙي جي ڪن حرفن جي زاويه ان هن جي لکيت لڳندڙ نظر اچي ٿي. باقي انهيءَ کوٽائي تي لکيل ڪتاب ’الحضر مدينة الشمش‘ ۾ سَمي بنت ڪجا لاءِ لکيل آهي ته: ”هي معبد الاول جي ڪاهن جي ڌيءَ هئي ۽ عبادت جي وقت دف وڄائي ان تي رقص سان گڏ عبادت جا ٻول ڳائيندي هئي“ انهي عبارت کي هت ڏيڻ ٻي محل نه ٿيندو.

سمي بنت ڪجا جي مجسمي واري عبارت | ڪنزي بن أبي واري عبارت



سَمي بنت عجا | ڪنزي بن أبي

مون هتي ’گجو‘ مان بدر ابڙي جي لڌل قديم سنڌو لکت جي تائيد ۽ ان تي مزيد تحقيق لاءِ مهن جي دڙي، مُلتان جو قديم قلعي سنڌ سيپتا جي قديم ٿهن تان لڌل لکتون (جن کي جي-آر هنٽر) جيڪي لوٿل، هڙپا، مُهن جو دڙو، وغيره جون چارٽ ۾ ڏيڪاريل آهن، انهن کي ’أر‘ مان لڌل سر جيڪا لاهور جي ميوزم ۾ آهي ۽ 2220ق.م جي زماني جي تحرير آهي. ان جي عڪس کي ان سان گڏ ’مدينة الشمش‘ (عراق) قديم عبادتگاهه مان مليل مجسمن مان سَمي بنت ڪجا ۽ ڪنز بن ابي جي مجسمن تي ڏنل تحرير کي پيش ڪيو آهي. محض ان لاءِ ته هي تحريرون ’گجو‘ واري قديم لکت جو ڪو گس ڪين ان جي تائيد ۽ تعبير لاءِ عالمن آڏو پيش ڪيو آهي. ’أر‘ واري سر جي تحرير ۽ مدينة الشمش وارن مجسمن جي لکت ’ٻختي پالي‘ سال ملي ٿي جنهن جو عروج (600ق.م) کان به اڳ رهيو آهي. آخر ۾ وري به سڄي مامري جي ميار. اسان جو پاڻ تي اچي ٿي. جنهن ۾ مهن جي دڙي جي مهرن جو پڙهڻ شامل آهي. سنڌو لکت سان لاڳاپيل مهرون، سمير، سوسه ۽ دجله دريا جي اوڀارين ڪناري سان موجود علائقي ۾ تمام گهٽيون لڌيون ويئون آهن.“ (2700ق.م) جي دور سان



لاڳاپيل سنڌو لکت ”ڪش Kish“ مان به هٿ آئي آهي. اسان ڪنهن کي ڏوهه ڏيون سواءِ پاڻ جي ٻئي کي ان لاءِ جوابدار نهرائي ٿا سگهجي وڏا ڏوهاري اسان جا ادارا ۽ ان کان وڌا ميياري اسان جا عالم، جن هن بنيادي حقيقت کي نظر انداز ڪري اسان کي اونده ۾ هٿوراڙيون هڻڻ تي مجبور ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪو گس هجي ها ته ٿئي ضلعي واري اها قديم لکت اسان کي پنهنجي تاريخ ۾ وڏي هٿي ڏئي ها ۽ رهبري ڪري ها.

مون پنهنجي مقالي ۾ سنڌو، سنڌي/سميري قوم، سنڌي سمنڊ ۽ سنڌي لکت، جي سلسلي سان هيڏي جيڪا مغرياري يا ان کي مجذوب جي ٻڙ چوان ڪئي ان مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

**(الف)** سنڌي قوم جو پنهنجو هڪ جداگانه وجود آهي. ابتدائي انسان جي پيدائش ڪان هي وادي وانجيل نه آهي.

(ب) هڪ لک ڪان پنجاهه هزار سال واري عرصي جي درميان هن واديءَ جي ماڻهن قافلن جي صورت ۾ ساموندي ڪنارن ۽ ڪٽي ميداني صورتحال سان سفر ڪيو آهي. ان جي اترئين موٽ کي آريه قرار ڏيئي هڪ تاريخي مغالطو پيدا ڪيل آهي. هي اهو ساڳيو ماڻهو آهي جنهن هزارين سال هتان سفر شروع ڪيو جنهن جي باقيات جيسي ۽ سميري جي صورت ۾ موجود رهي.

(ج) ”دراوڙ“ به اهو ئي ساڳيو ماڻهو آهي جيڪو هن وادي ۾ رهجي ويو ۽ ڏکڻ کان موٽ ڪائي ايندڙ انسان سان جيڪواترئين انسان ڪان هن وادي ۾ اڳ پهتو ان سان ان جو اختلاط ٿي ويو.

(د) سميري قوم سامي النسل نه آهي. بلڪ هن جو تعلق سڌو سنئون سنڌ وادي سان آهي. جيڪا سفري دور ۾ اتي رهجي ويئي ۽ بعد ۾ سنڌ وادي جو انسان اتي بيٺڪون ٺاهي وڃي وينو. سميرين جي تمدن ۽ وادي ۽ سنڌ جي تمدن ۾ ڪو خاص فرق نظر ڪونه ٿو اچي پنگتي ۽ مذهبي بنيادن تي ديوين ۽ ديوتائن جي نالن ۾ گهٽي قدر مماثلت نظر اچي ٿي. انهي چوڻ ۾ ڪو هرج ڪونه آهي ته سنڌي ۽ سميري هڪ ئي قوم جون شاخون آهن. طبعي حالتن انهن ۾ ڪي تبديلي آنديون اهي انهن جي وجودي اصليت جي سلسلي ۾ ايترو اهم نه آهن.

(هه) عربي سمنڊ جو نالو قديم دور کان وٺي ڪٽي به موجود نه آهي، تاريخن ۾ اسان کي هند ساگر / سنڌ ساگر جو لفظ ملي ٿو 800هجري ۾ فارس

جو سمنڊ جو لفظ ملي ٿو. مون ان باري ۾ ذڪر ڪيو آهي ته اهو سمنڊ جو سنڌ جي سڄي ساموندي ڪناري تي ڇانيل رهيو ۽ ڇانيو پيو آهي، اهو ’سنڌي سمنڊ‘ آهي عربن جو ان سان ڪو تعلق ڪونه آهي. ”ان لاءِ اها استعماريت واري نشاني سنڌ جي نقشي مان ختم ٿيڻ گهرجي“

(و) سنڌو لکت جو هن جديد دور تائين نه پڙهڻ هڪ تاريخي الميه آهي. مهين جي دڙي جي ٻولي جي صحيح صورتحال نه هئڻ سبب سنڌ جو ماضي اونداهي ۾ پيو آهي. ان لاءِ جيستائين اهو مسئلو حل نٿو ٿئي ان وقت تائين سنڌي ٻولي جي تاريخ اڻپوري ۽ اڌوري آهي. سنڌو لکت جو تعلق هڪ پاسي مصر ٻئي طرف سمير، ايلم جي لکت ۽ قبرص جي لکت ۾ به سنڌو لکت جي سڌريل شڪل آهي، سنڌو لکت جي علامتي نشانين جو جيستائين ڪو مثبت حل نٿو ٿئي اسان جي تاريخ نامڪمل آهي. جنهن جي تڪميل جو فرض ادارن ۽ عالمن تي عايد ٿئي ٿو.

(ي) ڳالهه هئي ٺٽي ۽ ٺٽي ضلعي جي ليڪن قلم هلندي اتي وڃي نڪتو ”جتي ناهه جاءِ جانارن“ واري ڪار آهي، منهنجي تحرير جيتوڻيڪ ٺٽي ضلعي جي صرف انهن ڳالهين ۽ روين سان واسطو رکي ٿي جيڪي هن وادي جا اهم سلسلا ڇئجن يا اهم نڪتا آهن. انهن ڏانهن قلم هليو ويو. ٺٽو به سنڌ وادي جو اهم حصو نه پر ان جي بنياد جو ڪم ڏيندڙ آهي ڇو ته سنڌوءَ جو ڇوڙ جنهن تي واديءَ جي نجي زندگي جو مدار آهي، ان جو اختتام هتي آهي، وڻج واپار لاءِ ڏيساور سان لهه وچڙ ۾ سمنڊ هتي آهي. مون کي اميد آهي ته منهنجي هن ڪوشش کي علمي حلقن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪا جاءِ ملي ته آئون ائين سمجهندس ته مون پنهنجو پيغام پنهنجن تائين پهچايو آهي. ڇو ته مون هن قول تي عمل ڪيو آهي.

”سٽي سڏ پرين جو واڪي جي نه ورن“ الخ

اميد ته منهنجا ڪچا ڦڪا لفظ قارئين وٽ قبوليت جو درجو ماڻيندا.



## ماخذات


1. پنهور محمد حسين، ڪرانا جيڪل ڊڪشنري آف سنڌ (انگريزي)
2. ايڇ.ٽي لئبرڪ، سنڌ هڪ تاريخي جائزو، (سنڌي) ترجمو
3. ايڇ ٽي لئمبرڪ مسلمانن جي فتح کان اڳ (سنڌي) ترجمو
4. پاري مرحوم، تاريخ ڪا مطالعه (اردو)
5. مرتضيٰ احمد خان، تاريخ اقوام عالم (اردو)
6. سبط حسن، ماضي ڪي مزار، (اردو)
7. سبط حسن، پاڪستان ۾ تهذيب ڪا ارتقا، (اردو)
8. پيرومل مهر چند، قديم سنڌ، (سنڌي)
9. جنرل هيگ، سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو (سنڌي) ترجمو
10. راورٽي، سنڌ جو مهراڻ، (سنڌي) ترجمو
11. ابن حنيف، سات دريائون ڪي سر زمين، (اردو)
12. صديق طاهر، واديءَ هاڪڙا (اردو)
13. جي.آر.هنٽر، سنڌو لکت جو بين الاقوامي لکتن سان لاڳاپو، (سنڌي) ترجمو
14. محمد علي مصطفيٰ، الحضر مدينة الشمس، (عربي) مڪتبه الوطنية بغداد 1974ع
15. بدرجمال ابڙو، سنڌوءَ جو سفر، (سنڌي)
16. علي عباس جلالپوري، روايات تمدن قديم، (اردو)